# ٻولي منهنجي ماءُ

پوپٽي هيراننداڻي

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

ڪتاب جو نالو:- **ٻولي مهنجي ماءُ**

ليکڪا:- پوپٽي هيراننداڻي

قيمت:- ڇهه رپيا

پهريون ڇاپو:- جنوري ١٩٧٧

ڇپائيندڙ:- پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي
٥١، سنگيتا، ٽيليفون ايڪسچينج پٺيان
ڪولابا، بمبئي - ٤٠٠٠٠٥

ڇپيندڙ:- ليڇمڻ ساٽي
سنڌو آرٽ (فون ٣٩٢٢٢٣)
روسي مهتا انڊسٽريل بلڊنگ
جڙاج ڀائي لين، بمبئي-٤٠٠٠٠٨

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

مون کي پڪ آهي ته سڄاڻ پاٺڪ ڪي جڏهين پوپٽيءَ جو هيءُ مجموعو ملندو ته سندس سامهون پوپٽيءَ جي ساهتڪار جو هڪ نئون روپ ٿي سندس اڳيان اُڀري ايندو. ڏسجي ته پارکو ڪهڙو نه قدر ڪن ۽ ڪهڙيون نه فتوائون صادر ڪن.

**ڪيرت ٻاٻاڻي**

بمبئي ٢ جنوري ١٩٧٧

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

# فهرست


| وشيه | | صفحو |
|---|---|---|
| ۱- | سنڌي - هڪ وسيع ٻولي | ۹-۲۲ |
| ۲- | سنڌو | ۲۳-۳۳ |
| ۳- | اسانجي اوائلي ادب جو دور | ۳۴-۴۳ |
| ۴- | سنڌ جي اتهاس جي هڪ جهلڪ | ۴۴-۴۹ |
| ۵- | سنڌي ساهت ۾ سنڌي زندگي | ۵۰-۶۳ |
| ۶- | سنڌي ادب ۾ زال | ۶۴-۷۲ |
| ۷- | شاهاڻو شاه | ۷۳-۷۷ |
| ۸- | شاه جا سوُرما | ۷۸-۸۵ |
| ۹- | سُر سورٺ | ۸۶-۹۳ |
| ۱۰- | لوُري | ۹۴-۱۰۳ |
| ۱۱- | لعلچند امرڏنومل | ۱۰۴-۱۰۹ |
| ۱۲- | عزيز | ۱۱۰-۱۲۹ |



Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

٢) ڪيتي سر سيتي
٣) جيترو هر تيترو ڦر
٤) جتي هر اُتي گهر
٥) ان ڀلي ذات ڀلي
٦) ڇڏي ڀوڪ تنبا سنگھ
٧) ڀلي آيو ڳانءَ جو ڄايو - جنهن سارو ڄڳ نڀايو
٨) ٻني اُها راڻي جنهن جي مٿان پاڻي
٩) جنهن ڪڙميءَ کي گهر ۾ داڻو - سو سيٺي جو آهي راڻو.

ٻج جي قسمن، ٻوٽن جي پاڳن، فصلن جي وقت، ڳاهه جي مٿين، وچ ۽ هيٺين پاڳي لاءِ سنڌيءَ ۾ الڳ الڳ نالا آهن.

سنڌيءَ ۾ اسمن ۽ صفتن جو تہ ڀنڊار آهي، پر ان ۾ فعل ٻہ جهجهائي آهن. "صفا ڪرڻ" جو ارث رکندڙ فعل ڪم جي لحاظ کان هر اسم سان الڳ نموني ظاهر ڪيو آهي. مثلا ڏڪ سٽڪڻ، ڪڻ اگهڻ، ڳجهي مهٽڻ، پٽ ٻوڇڻ، ٻير ڏوئڻ، ڪڻ صفا ڪرڻ وغيره.

مٽي مائٽيءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ انيڪ لفظ آهن، جي هر سنبند کي صاف ظاهر ڪندا آهن جهڙوڪ :-

مڙس لاءِ گهوٽ، ڀتار، ڀتي، ٻڍو، ڪڪي ڀيءُ
زال لاءِ ڪنوار، جوءِ، ڀتني، ڪڪي ماءُ
ڀاءُ، ڀاڄائي، ڀائٽيو، ڀائٽي
ڀيڻ، ڀيڻويو، ڀاڻيجو، ڀاڻيجي
سالو، سالي، سنڍو، سالوٽ ۽ سالوٽِ
سس، سهرو، سيڻ، سيڻ، سيڻوٽُ ۽ سيڻوٽِ
ڀڦي، ڀڦڙ، ڀڦاٽُ، ڀڦاٽِ
ماسي، ماسڙ، ماساٽُ، ماساٽِ
مامو، مامي، ماروٽُ، ماروٽِ

تران، ڏيو
ڏاڏو، پڙڏاڏو، تڙڏاڏو
ڏاڏي، پڙڏاڏي، تڙڏاڏي
ڌيءُ، ناني، ڏوهٽو، ڏوهٽي
پٽ، نٽهن، پوٽو، پوٽي.

مخاطب تي سڏ ڪرڻ لاءِ ڀڻ الڳ لفظ آهن، جهڙوڪ -
بابا، وڏا بابا،
امي، امان، امڙ، امڙي، وڏي امان، ننڍي امان
آدي، ڪڪي، دادي
پاپي، دادا
ڪاڪا، لال، گل، پٽڙا
ڏيرم!

سنڌ ۾ به ساڳئي چيز يا ڳالهه لاءِ مسلمان الڳ ۽ هندو الڳ نالا وٺندا آهن. ڏينهن لاءِ هندو چوندا آهن: سومر، منگل، ٻڌر، وسپت، جمع، ڇنڇر ۽ آرتوار ته مسلمان چوندا آهن، سومار، آڱارو، اربع، خميس، ڇنڇر ۽ آچر. (عجب اهو ئي آهي ته آرتوار ۽ آچر ٻئي سنسڪرت شبد آدتيه وار جو ئي بگڙيل روپ آهن.) ان طرح هندو چون، وڄ، چنبل، پربت، ٽنگ، للاٽ (نراڙ)، دادا، رڳي، اڪيلو، گٽو، ٻڦي، پتا (پيءُ)، پلاءُ؛ ته مسلمان ساڳي چيز لاءِ چوندا کنوڻ، قمر، چپڙ (ڏونگر)، جنگهه، پيشاني، آدا، نبض، هيڪلو، ڳٽون (پتاري)، خالده، والده، پوڙ. ۽ ٻئي هڪڙي جا لفظ بلڪل چڱيءَ طرح سمجهي ويندا آهن.

هيڏي شبد ڀنڊار ڪري ڪوين ۽ ليکڪن کي سهوليت مليل هئي. اها ڳالهه چوڻ غلط آهي ته صرف ليکراج عزيز جي لکڻين ۾ پارسي لفظ ملندا آهن. اوهانکي پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي

"Sindhi Amply repays to the philologist the labours he bestows on it, for Sindhi has preserved a good many forms for which we look in vain in the cognate idioms. For the purpose of intercomparing the modern Aryan languages, Sindhi is therefore invaluable".

ارنسٽ ٽرمپ پنهنجي ڪتاب سنڌي گرامر ۾ لکيو آهي :-

If we compare Sindhi with its sistertongues, we must assign to it - a grammatical point of view, the first place among them. It is much more closely related to the old Prakrit, than the Marathi, Hindi, Punjabi and Bengali of our days and has preserved an exuberance of grammatical forms, for which all its Sisters may well envy it. For, while all the modern vernaculars of India are already in a state of complete decomposition, the old venerable mother-tongue being hardly recognisable in her degenerate danghters, the Sindhi has on the contrary preserved most important fragments of it and erected for itself a grammatical structure, which surpases in beauty and execution and internal harmony by far the loose and lovelling construction of its sisters.

سنڌ ۾ رهندڙ دراوڙ قوم جو اثر سنڌيءَ ۾ ٽ، ٺ، ڊ، ڍ، ڻ ۽ ڙ اکرن دوارا ظاهر آهي. سنڌي ڇوڪرا راند ڪرڻ وقت "مون لئه هڪ ٽ آر" دراوڙي انگ ڳڻيندا آهن. آريه ديش جي مول يا آدي ڀاشا جيئان آوازن تي مدار رکندڙ لفظ به آسان وٽ آهن. ٻؤن ٻؤن، ڪان ڪان، ميائو ميائو، جهڻ جهڻ، ٽاٽا، ٽڪلو ٽڪلو، آهڙا ئي شبد آهن.

اَڄ دهليءَ ۾ اِنڊيا گيٽ آهي ۽ بمبئيءَ ۾ گيٽ وي آف اِنڊيا. ڀر ڀارت جو جهونو دروازو سنڌ - پنجاب وارو حصو هو. ان دروازي مان ايراني، يوناني، هڻ، شاڪ، سٿين، ڪشن، عرب، ترڪ، افغان، مغل وغيره آيا جي سڀ پنهنجيون ٻوليون جو اثر سنڌيءَ تي ڇڏي ويا. ان کان سواءِ عربن، ارغونن، ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ ميرن

smoke about sindhi which is infinitely more natural and captivating than anything which the hide–bound Pandit–ridden languages of the eastern parts of India can show us".

سنڌي زبان چڱي ڪشادي آهي. اڙء هر علم جي ترجمي لاءِ تيار آهي. علمي، فلسفي، منطقي، حڪمتي، ڪيميائي ۽ سائنسي اصطلاح منجهس موجود آهن.

اڳتي هلي نديءَ جا ڪئين روپ نظر آيا. ڪٿي وڏن ٻن پهاڙن جي وچ ۾ ائين نظر اچي رهي هئي جئين رام لڇمڻ جي وچ ۾ سيتا. ڪٿي هڪ وڏي ۽ ٻئي ننڍي پهاڙ جي وچ ۾ جيو ۽ ٻــرهم جــي وچ ۾ مايا پيئي ڀاسي. ڪٿي نــرتڪي ٻڻجي "تاٿئي تاٿئي" ڪندي پئي نچندي هلي ۽ سامهون وڻ درشڪ ٻڻجي باانتظام قطارن ۾ ويٺل هئا. ڪٿي هوءَ مغل شهزاديءَ جيئان شرارا پائــي پئي هلي ۽ چهنبدار چوٽين روپــي ننگيون تلوارون کڻي پهاڙ حبشي هيجڙا ٻڻجي پهرو ڏيندا پئي هليا.

محسوس ڪيم ته سنڌ ۾ ته سنڌوءَ جو اسان ڪڙوڙيل روپ ٿي ڏٺو هو. سنڌس جوڀن جو جمال ته هتي ٿو پسجي!

هاڻ سنڌس ڪشور اوستا جو روپ نظر آيو. پاڻي ائين پئي چمڪيو ڄڻ ڏينهن جو سورج ۽ رات جو چندرما جو منجهس اشنان ڪن ٿا سو هن ٻه سندن سونا روپا ڪرڻا چورائي ڪري پنهنجي منهن تي چنبڙايا آهن. ڪٿي هوءَ پٿرن جي ڏاڪڻ تان ٽڪ ٽڪ ڪندي پئي هلي ته ڪٿي ست پائي ائين ٿي ڀڄي ڄڻ پڪڙڻ لاءِ ڪو پٺيان پيو اٿس. ڪٿي هن هيرن موتين جا ٻڪ ڀــري پئي اڇلايا ته ڪٿي ولوڙيل ڏڌ جو اڌ ڪڇو مکڻ پئي آڇيائين.

ڪٿي ٽراڪــڙي هئي ته ڪٿي اونهي. ڪڏهين ڏائي پيئي وهي ته ڪڏهين ساڄي. ڪڏهين وري ماڳهين گم ٿي پئي ويئي. الا ڪيڏانهن ويئينءَ؟ سڌ ٻڌي کل کل ڪندي ٻئي هنڌان اچي پيئي نڪتي. ڪٿي هڪ ڌارا ٻڻجي پئي وهي ته ڪٿي جدا جدا وهنڌ ٻه ٽي ڌارائون پئــي ٻڻي جي ڄڻ ڀيڻ هيون ۽ پنهنجي پنهنجي ساهڙي گهر ڏانهن اُٿي پئي هليون. هن ٽپ ٽئي ڏٺا ته منهنجي دل ٻـــ ٽپا ڏيڻ لڳي. اُماڪ لهي ڪپڙ ياڪر پاتم. سنڌس سيتل بدن کــي ڇهڻ سان من جــي تپت لهي ويئي. ور ور ڪري ٻڪ ڀري سنڌس پاڻي پيتم. هوءَ پيئي کلي. چي:

آهي جو ديوتائن لاءِ مقرر ڪيل ڳائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌين جي رڳن ۾ ٻه ان ڪري ئي شايد راڳ سمايل آهي ايتري قدر جو مسلمان ڪتب ۾ جنم وٺندڙ ٻه مذهبي پابنديءَ جو تياڳ ڪري شاه ۽ سچل جيڏان سماع لاءِ ساه ڇڏيندا آهن.

چوندا آهن ته راجپوت ماتا پنهنجي پٽن کي کير نه پر فولاد پيئاريندي آهي. اساڻي سنڌوءَ ته اسانکي امرت پيئاريو آهي.

جنهنجو جنم سمنڊ جي سطح کان هزارين فوٽ مٿي ٿئي، جا قدرت جي اعليٰ ترين ماحول ۾ نپجي، جا شڪتيمان چيچن روپي ڇاتين جي کير تي پلجي، جا وڻن ۽ ٻوٽن سان کيلي، چشمن ۽ نهرن جا گيت ٻڌي وڏي ٿي هجي، جا هزارين ميل لتاڙڻ جي سگهه رکي ۽ جا پنهنجي ڪناري تي ناياب چيزن جي ٻوڪ ڪري سندر جسم گهڙي وٺي سا ئي منهنجي سنڌو آهي.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

# آسانجي اوائلي ادب جو دؤر

ادب جو اتهاس ڄاڻڻ کان اڳ ٻوليءَ جي اتهاس مان واقف ٿيڻو پوي ٿو.

عيسوي سن کان ڪي صديون اڳ ايران جــي بادشاه دارا سنڌ فتح ڪئي. ڀيرومل آڏواڻي پنهنجي 'سنڌي ٻوليءَ جــي تاريخ' نالي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "ايراني بادشاه جنکي ڪياني سڏيو وڃي ٿو ۽ جنجي حڪومت پنجاب سنڌ ۽ گانڌار ۾ هلــي هئي، اُنهجو زور سڪندر اچي ڀڳو."

يعني سڪندر جي اچڻ تائين سنڌ تي ايران جي حڪومت هلندڙ هئي.

اڳتي هلي، ڀيرومل صاحب لکي ٿو ته "ايراني ٻاڻ سان پنهنجي ٻولي ۾ لپي ڪٽي آيا هئا، پر عيسوي سن جي ٻين صديءَ تائين اِهي گم ٿي ويئون."

عـــربـــن جـــي اچڻ ۽ وسڻ بـــابت اسٽئنلي ليـــن پول ( Stanley Lane Pool ) پنهنجي ڪتاب ميڊيـويـل اِنـــڊيـــا (Mediaval India) ۾ لکي ٿو:-

The Arab soldiers settled in the Country, married the local women and thus slowly a number of small Colonies came into existence. These Colonies were called Junud or Amsar meaning armies and cities. Some of these Colonies grew up into flour-shing Cities and became centres of learning & culture.

جنهن صورت ۾ ٻولي ۽ لکاوٽ وڌيڪ تائيـن سنڌ ۾ قائم رهيون هيون، تنهن صورت ۾ بادشاهت ختم ٿيڻ سان اُهي صفا ختم ٿي نه سگهيون هونديون. سنڌ جي جهوني شهر "برهمڻآباد" جو نالو ئي شاهدي ٿو ڀــري ته برهمڻ ديسي لفظ سان "آباد" عربي لفظ ملي ويو آهي.

ڪاميٽي ويهاري جنهن ۾ ۹ ميمبر هئا جي هئا: (١) راءِ بهادر جگنناٿ، (٢) ديوان ننديرام (٣) ديوان پريداس (۴) ديوان اڌارام (۵) خانبهادر (٦) مرزا صادق علي (٧) ميان محمد (٨) قاضي غلام علي (۹) ميان غلام حسين.

ان ڪاميٽيءَ پنهنجا هيٺيان رايا ظاهر ڪيا:-

(١) ورهين کان سنڌي ٻولي اڳيئي عربي-فارسي صورتخطيءَ ۾ لکڻ ۾ پيئي اچي.

(٢) سنڌيءَ ۾ عربي-فارسي لفظ ملي ان سان هڪ ٿي ويا آهن.

(٣) سنڌي آوازن لاءِ شاستريءَ (ديوناگري) ۾ موزون اکر موجود نه آهن.

(۴) سنڌ جي باشندن ۾ گهڻائي مسلمانن جي آهي، جن مان گهڻا عربي صورتخطيءَ مان اڳيئي واقف آهن.

پوءِ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سنسڪرت، فارسي، عربي ۽ سنڌي آوازن سان ٺهڪندڙ هاڻوڪي لپي جوڙي.

مٿئين فيصلي ۾ پوئين رائي جي بنياد تي اگر ڪو چوي ته گهڻائيءَ وارن مسلمانن سنڌي هندن سان ظلم ڪيو ته اُنکي ان دليل مطابق ائين به چوڻو پوندو ته گهڻائيءَ کي مان ڏيئي ڀارت جي قومي ڀاشا هندي مقرر ڪري ٻين ٻولين-ڳالهائيندڙن سان ظلم ڪيو ويو آهي.

لوڪشاهيءَ جي تقاضا آهي ته گهڻائيءَ وارن جي گهرج جو خيال رکي، فيصلو ان طرح ئي ڪيو وڃي.

ديوان ننديرام پنهنجي ڪتاب "تاريخ سنڌ" جي ديباچي ۾ لکيو آهي:-

"گهڻي بحث، چڪاس ۽ ڏيهي ماڻهن جي صلاح ۽ ان وقت جي ناظمن صاحبن (تعلم کاتي جي انسپيڪٽرن) جي راءِ سان

| | | | |
|---|---|---|---|
| زباني قصو لکيت ۾ | ميران محمد شاهه | ١٨٥٥ | سڏاتورو ... |
| دنيا جي جاگرافي | نندرام ۽ مهاديو شاستري | ١٨٥٥، | ڌرتي نروار ڀاڱو (١ ۽ ٢) |
| دنيا جي تاريخ | اڌارام | ١٨٥٥ | اردو ۾ مان ترجمو |
| پنماشي حساب | نندرام ۽ ڪالداس | ١٨٥٥ | حسابن بابت سمجهاڻيون |
| جبر و مقابله | نندرام ۽ وشونات منڊلڪ | ١٨٥٦ | الجبرا |

ان طرح درسي ڪتاب، جاگرافي، تاريخ، حساب الجبرا ۽ قصا ڇپائڻ جو ڪم چالو ٿي ويو ۽ ان ڪم ۾ سنڌي هندن، مسلمانن، انگريزن ۽ سنڌ ۾ رهندڙ مرهٽن گڏجي هٿ وڌو. ١٨٧٥ ۾ شرٽ صاحب مرزا صادق عليءَ سان گڏجي ڊڪشنري تيار ڪئي. ارنيسٽ ٽرمپ ١٨٦٦ ۾ جرمنيءَ مان شاهه جو رسالو ڇپايو. ڪرشنا شاستري، مهاديو، ڪالداس ۽ وشونات حسابن ۽ جاگرافيءَ جا ڪتاب لکڻ ۾ مدد ڪئي ۽ سنڌين "وڪيو ڏاتار" ۽ "قصو دلوراءِ" جهڙا وندر وروونهن جا ڪتاب يا "سيف الملوڪ"، "عمر مارئي" ۽ "سسئي پنهون" جهڙا نظم ۾ ڪتاب توڙي ديوان - قاسم جهڙو غزلن جو ڪتاب يا "گل شڪر" (جو ڪيترا سال دستخط جي روپ ۾ پيو هو) جهڙو اصطلاحن ۽ پهاڪن جو ڪتاب ڇپائي سنڌي ادب جي شاندار شروعات ڪئي.

سنڌي ليکڪن جون پارسي ۽ عربيءَ ۾ لکيون پڻ آسان جو پنهنجو ورثو آهن، ائين جيئن اڄ سنڌي ليکڪ جون انگريزيءَ يا هنديءَ ۾ لکيون آسان لاءِ فخر جو باعث آهن. ٻوليءَ يا ادب سان سنڌين ڪڏهين به مذهب يا ڌرم جو جنون لاڳو نه ڪيو آهي. سيد معصوم شاهه جو اصل خراسان جو رهاڪو هو ۽ پوءِ ٻکر ۾ اچي رهيو، تنهن پارسيءَ ۾ تاريخ معصومي لکي، جنهن ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت کان وٺي مرزا غازي بيگ جي نوابيءَ تائين احوال ڏنل آهي. ان ڪتاب ۾ نه رڳو بادشاهن جي حڪومتن يا جنگين جو احوال آهي، پر ان وقت جي

عالمن مخدوم بلال، قاضي ڏنو سيوهاڻي يا قاضي قاضن جو به ذڪر ڪيل آهي. ديوان ننديرام دوارڻ ان جو ڪيل ترجمو عبارت، فصاحت ۽ بلاغت جي زيورن سان سينگاريل آهي ۽ جئين پارسيءَ ۾ ڇپي ڇپي تي بيت ڏنل آهن، تئين سنڌيءَ ۾ به آهڙي ئي ڪوشش ڪيل آهي. يعني انهن بيتن جو موزون سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪرڻ جو يتن ڪيو ويو آهي. مسٽر ڪاهنداس اصل پنجابي هو پر سنڌ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي آيو ته سنڌي سکيو ۽ ننديرام سان گڏجي حسابن بابت ڪي ٽيڪنيڪل لفظ تيار ڪيائين جهڙوڪ: اڪيور، اڻتو اڪيور، مفرد اڪيور، صورت، ڏهائي، راس، سيڪڙو، ڏهائيءَ جو همزو (ڊيسيمل)، ترو ورياج وغيره. ننديرام نيچر اسٽڊي تي اصلي هنديءَ ۾ لکيل ۽ پوءِ اُردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب سنڌيءَ ۾ 'سنساري ترواڙ' نالي ڪتاب تيار ڪيو جنهن ۾ وڻن ٻوٽن ۽ ٻين ساهوارن سان گڏ انسان جي بدني بناوت ۽ ڪم ۽ ڌرتي، سج چنڊ جي ڦيرن ۽ تارن سيارن، گرمي سردي وغيره جو بيان ڏنل آهي.

عربن جي ڏينهن ۾ عرب حاڪمن جي درٻارن ۾ سنڌي قصيدا پڙهندڙن کي انعام ڏنا ويندا هئا ۽ ڪين سروپا ڏيکائي ويندي هئي. اڪبر بادشاهه جي درٻار ۾ به عمر ماروئيءَ جو قصو پڙهندڙن کي اشرفين جي ڳوٿري انعام ڏني ويئي هئي. اُن وقت کان وٺي انگريزن جي وقت تائين سنڌي گرامر ۾ ايتري وسعت، لچڪ ۽ جدت اچي ويئي هئي جو انگريزي عالمن انجي ساراهه جا ڍڪ ڀڻي ڀريا. سنڌي قصن جي شاعراڻين وصفن کي ڏسي رچرڊ برٽن کي پنهنجي ڪتاب "دي جنرل سروي آف سنڌي لٽريچر" (The General Survey of Sindhi Literature) ۾ لکڻو پيو:-

"No other regional language at the time of our taking possession had more and so much original composition as Sindhi languge."

هن وڏيڪ لکيو آهي:-

"The poetical list of Sindhi is much more Various and Valuable than its prose and in importance does not yield to Marathi or Hindi or Brijbasi."

ان ڪري ئي انگريزن سيني سرڪاري آفيسن ۾ توڙي ڪورٽن يا اسيمبليءَ ۾ انگريزيءَ سان گڏ سنڌي استعمال ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

۽ وليمس هيگن ٿو لکي:

With its excellent natural harbours, Kutch was almost certainly a useful adjunet to the Indus Valley province, annexed by Darius, the son of Hystaspes.

جڏهن هندستان ۾ موريه گهراڻي جو راڄ ختم ٿيو هو تڏهين سنڌ، ڪڇ ۽ گجرات بئڪٽريا جي هٿ مان نڪري گريڪس جي هٿ ۾ آيا. اُن وقت گريس ۾ ( Menander ) نالي راجا راڄ پئي ڪيو. هن سنڌ ۾ مڪان نهرائڻ ۽ واپار وڌائڻ تي زور ڏنو.

ان بعد ٽي صديون لڳاتار ساڪا قوم جي سترپن سنڌ تي راڄ ڪيو. سترپ جو اُرٿ آهي وائسراء يعني عيوضي. اُهي ڪنهن جا عيوضي هئا؟ اُنومان ڪڍيو ٿو وڃي ته اُهي شايد ڪشن گهراڻي جي ڪنهن مهاراجا جا عيوضي هئا.

انهن سترپن کي وڪرماديت جي لشڪر جيتيو پر انهن وري زور ورتو. بعد ۾ اندرا گهراڻي جي ساتواهن کين ماري مات ڪيو. ان ساتواهن کي ردرديومن سنڌ، گجرات ۽ ڪاٺياوار مان پڇائي ڪڍيو. ردرديومن جي جيت جو يادگار گرنار ۾ مليو ٿو جنهن جو وقت آهي ۱۵۰ع. ردرديومن هڪ وڏو عالم ۽ سچو انسان هو. هن ڪيترين ئي راجڪمارين سان وواهه رچايو هو ۽ پنهنجي سلطنت دُور دُور تائين ڦهلائي هئي. سنڌ ۾ سيني جاگيردارن کي سندس آڻ مڃڻي پيئي هئي. پر جيئن ئي اُنهن کي وجهه مليو تيئن ئي اُنهن خود مختيار بڻجڻ جو يتن ڪيو. سنڌ ۾ واهلڪ سردارن چندرگپت ٻئين جي مخالفت ڪئي ۽ ڏن ڏيڻ کان ڪان صاف اِنڪار ڪيائون.

مشهور چينائي ياتري فاهين سنه ۳۹۹ع ۾ سنڌ بابت چوي ٿو ته "هتي آفيسرن کي مقرر ڏينهن تي پگهار ملندو آهي. واپار تمام زور آهي. ماڻهن ۾ طبقا آهن ۽ اُهي طبقن جي تفاوت تي زور

ڏين ٿا. ڳاين جي چڱيءَ طرح سنڀال لڌي وڃي ٿي. هت جا هنر ڏاڍو زور آهن. ملڪ جو ڪاروبار قاعدي قانون آنوسار هلي ٿو."

ان هڻ قوم Ephthalites or White Huns جو اِتهاس ۾ ذڪر اَچي ٿو ۽ انهن سان سڪند گپت جي لڙائي ڪرڻ جو بيان ملي ٿو. پر "سنڌ" ان وقت ڪنهن خاص ذڪر هيٺ نه ٿي اَچي.

جڏهن قنوج جو هرش راڄ ڪري ٿو تڏهين اِتهاس ٻڌائي ٿو ته هن سنڌ تي ڪاهه ڪئي پر سنڌ جي طاقتور راجا کيس پٺتي ڪيو. هرش جو راڄ سنه ٦٠٦ع کان سنه ٦٤٧ع تائين هليو هو. ان جو مطلب آهي ته ستين صديءَ ڌاري سنڌ ۾ ڪنهن شڪتيمان راجا جو راڄ هلندڙ هو. ان ئي وقت چيناڻي ياتري هيون سانگ هند ۾ آيو هو. هنجي اَچڻ جو وقت سنه ٦٣٠ع کان ٦٤٤ع ٻڌايو وڃي ٿو. هيون سانگ ڪڇ کي سنڌ ئي سڏي ٿو. هو الور جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ڪوٽيشور (جو هن وقت ڪڇ ۾ آهي) جو نالو وٺي ٿو. اُن وقت سنڌ جي گادي الور هئي ۽ راجا جو نالو سهراس هو. سنڌ جون حدون ان وقت مڪران ۽ ڪشمير تائين ڦهليل هيون. ڪڇ جي اِتهاس ۾ هيٺين لکيل آهي:

Hiuen–tsang described Koteshwar as lying on the western Frontier of the country close to the river Indus and great ocean. Koteshwar measured 5 miles and contained 80 Buddhist convents. 12 temples were didicated to Hindu deties. The temple of Mehe–shwar was adorned with sculptures. There was a miraculous image which was worshiped by ash–smeared heretics.

هيون سانگ سنڌ جي واپار لاءِ چوي ٿو ته هتي واپاري نهايت آسودا آهن. سنڌن واپاري سرشتو نهايت رٿائتو آهي.

هيون سانگ جي اَچڻ کان هڪ صدي اَڳ، جاگرافيءَ جو مشهور ڄاڻو Cosmas Indicopleustes هڪ ڪتاب ۾ لکي

ويو هو ته هند جي اوڀر ۾ مصالح اَچن ٿا جتان پهرين سيلان ۽ ڏ اُتان پوءِ اولهه وارن بندرن ڏانهن وڃن ٿا. انهن بندرن تان مصالح کڻي پرشيا ۽ عربيا ڏانهن وڃن ٿا جتان آفريڪا ۾ وڃن ٿا ۽ اُتان وري بـــي انـــداز عاج کڻي سنڌ ۾ اَچي ٿـــو جتان راجستان ۾ وڃي ٿو.

سنڌين جي واپار جو اهوئي اِتهاس آهي جو هسٽري لکڻ کان اَڳ شروع ٿيو آهي ۽ اَڃا به مسلسل هلندو رهي ٿو.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

گھر ۾ پسو تو نهرائي پوءِ به هوُ سڀ سنڌي آهن. ان ساڳيءَ طرح
جڏهن بمبئي ۾ رهندڙ سنڌياڻي، ماتا جو چنڊ و وڄڻ وقت لولن
جي بدران منا بسڪيٽ ئي ڪم آڻي.
بسڪيٽن جو لاڳاپو حال سان آهي پر چنڊ و وڄڻ جو لاڳاپو
ماضيءَ سان. ان طرح ماضي ۽ حال کي ڳنڍي ڪنهن جاتيءَ جو
من پنهنجي خاص جهلڪ پسائي ٿو. لنڊن ۾ رهندڙ سنڌي
سٽيناراڻ جي ڪٿا ٽيپ رڪارڊ تي واڇي ٿو مگر ڪڙهي چانور
بوندي پاڇي تيار ڪري ٿو. جتي ٻيا هندستاني ڪنهن به ڏينهن
تي سٽيناراڻ جي ڪٿا جو بندوبست ڪن ٿا اتي سنڌي
پورڻماسيءَ ڏينهن ئي ڪٿا ڪري پنهنجي چندر منڊل جي
حساب سان تت ڳڻڻ جو ثبوت ڏئي ٿو.
جڏهن ندي جدا جدا مڪانن، شهرن ۽ ڳوٺن مان لنگهندي به
ساڳي آهي، هنجا ڪنارا بدلجندا رهن ٿا مگر ڌارا نه ٿي بدلجي
تئين ڪنهن به جاتيءَ جي ڌارا نه بدلجي. ان ڌارا جون
خصوصيتون چترت ڪرڻ لاءِ ڪو Genius نه کپي پر کپي
Perception، جا (Perception) پڻني نظر Genius جو هڪ مکيه
انگ آهي.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

آهي أُلي برابر سندياڻي ڏسڻ لاءِ ملي ٿي جڏهين وشنو پاڻيا جي
کن کهاڻين ۾.

پر زندگيءَ جا أصلي قدر آسان وٽ پارت جي بين جاتين
جيتان ساڳيا ئي آهن ان ڪري آسان جي شاعرن استريءَ جو
أهو شاشوت روُپ ئي چٽيو آهي. استري پهرين حسن آهي يعني
هوءَ ڪامڻ آهي:

نل تـــي پاڻي ٿي پري - لچڪيو وجيس جـــان
لـــڏڻ لڏي جهومڪ لڏن - لـڏيو وچـــن ايمان
(اندر پوجواڻي)

مرڪ ۽ ساڳي مهڪ ۽ آ ساڳـي
چا سندس مکڙو ڪوئي غنچو آ؟
( پريو وفا )

اک کـڻڻ سان هنجي ، دل قتيو پـوي
هڪ اشاري سان ٿو سر ڪٽجيو پـوي
( عزيز )

چا نيڻ ۾ جادو ٿو رکـــي مهنجو چند
چا وات جـو ميناج اٿس جهڙي کـنـد
( خادم )

مهڪي جڏهين سوهاڻ يا بهڪي پهرين باک
چا تہ تازگي روپ جي گل جـي سوهي ساک
( شيام )

ڪامنيءَ بعد استري پتني ٿي بڻجي:
مدهن ٿي مرڪ هميشه ۽ نيڻن ۾ پـابوه
محبوبي مورت ڏسي ، من ۾ جاڳي موه
( شيام )

۽ تهان پوءِ هوءَ جنني ٿي سڏائي:

گل مٿا هـاڻ لڳي ڇاتيءَ سان
ننڊ کي ٽوڪي مٺي ننڊ اچي
( شيام )

شاعر استريءَ جي ٻين روپن کي ٻه ڪونه وساريو آهي.
پيڙا! جو موٽڪي ڏٺين تـي پريم ٻي انداز تون
ديوتا بڻي سو رهندو منهنجي دل جي دوار ۾
(هري دلگير)

پـــا
صبر سان جا تي سهي هر رسم ٻي جـا، آنهه تون
ڇو نہ ٿرپـل ۽ نـــڊر، ٿر ياگـــ وڏوا آنهه تـــون
پـــا
ڏيهن جـــو تنهنجو ٻڌي نانءَ جي ٽوڪارن تـا
راس جو تنهن جي ٿي ياڪو ۾ اچي گهارن تـــا.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

# شاهاڻو شاهه

جئين پارس سان لڳي لوهه جو ٽڪر سون بڻجيو پوي ۽ جئين برساتي بوند سپ جي مک ۾ اچي موتي بڻجيو پوي تئين شاهه صاحب جي شرط وٽي هر سنڌي سخن سون، موتي، ماڻڪ، لعل يا جواهر بڻجي پيو آهي. شاهه واڻيءَ جو شاهه آهي.

شاهه غواص آهي ته ويڄهار ۽ موٽهار به آهي. غواص جيئان ڪلپنا ۽ ٻڌيءَ جي ساگرن ۾ غوطا کائي ڪيئي آبدار موتي اسان اڳيان آڻي ڌريا اٿس:

١) لهون لک لباس پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو

٢) هوت تنهنجي هنج ۾ – ڍڳين ڪوهه ٻهي؟
ڪڏهين ڪانه وهي – هوت ڳولڻ هٿ تي.

٣) ٻاراڻو سو سڏ، ٻڌڻ ۾ ٻــه ٽيا

٤) ٻرڻي ته ٻار، ڦوڪ ته لڳي انبرين
هٿي جي هڙڻ جون، ڦٽون سڀ وسار

٥) جيڪي فراقان، سو وصالان نه ٿئي

٦) ساٿر ٻوڙي سهڻي، مدت ٻوڙيو مهراڻ

شاهه صاحب ويڄهار جيئان هر هڪ لفظ کي ويهاري ونڊيو آهي ۽ انکي بي نظير بڻايو آهي:

١) ڪوني کهي سپرين، ڪوني کهڻ ساڻ

٢) سا ڪيئن ليئهن نهي؟ جنهنکي ليئهن نڏو ڪٽي.

٣) ڪامان پڇان پچران ليان ۽ لوچان
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي، پيئان نه ڍاپان

۴) ڪي ويجها ئي ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سڀرين
۵) شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار.

موتهار ٻڌجي انهن موتين اندران ڏاڍو لنگهائي شاه مالهائون ويهي پوتيون آهن:

۱) جي پائين جوڳي ٿيان .........
۲) تون سمو آءُ ڳنڌري .........
۳) دهشت دم دريـــاه .........
۴) چـــنـــڊ چـــوانءِ سچ .........

وارا بيت کهڙيون نه عمديون مالهائون آهن! هڪ لفظ جي جڳهه متاثر سان شاه معنيٰ ۾ به سونهن اوتي ڇڏي آهـــي. جيئن ته:

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار

ساهتيه جي آڪاش ۾ شاه چندرما جيئان آهـــي. وئديه راج چندرما انسان جي من جو ديوتا آهي. هنجي ڪرڻن جـي اُثر هيٺ جيڪي پوئيون پيدا ٿين ٿيون، سي انسان جـي من جـي روڳن لاءِ اڪثير علاج ٻڌجي پون ٿيون. شاه جي شعر جو اُثر به اُمنگ، طبيعت، سياءِ، حالت ۽ ويچار لاءِ ڪارگر ٻڌجي سگهي ٿو. ملڪي مستاني لاءِ:

ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي
يـــا
تڏي وسائجانءِ ترن جي، مٽي مٺيءَ مٿاه
جي پويون ٿئي پساه ته نجانءِ مڙه ملير ڏي.

جهڙيون سٺون ڪيس اُنساه ڏياريندڙ آهن ته قدرتي نظارن جي شوقين لاءِ:

ڳام ڳنڌيءَ ڳنج، اُبـــر ۾ اُهاءَ ٿـــيـــو
يـــا

اُڏران ٿي آئيون، ڪري هڪل هوءِ
پِري ٽل ٽوائيون، جوڙي هليون جوءِ
پسو جـا پٽن ۾، ڪٿوريءَ خوشبوءِ

جهڙيون مفيد آهن.

مجازي عاشق،

پر اکيون ٿيون نڪ، تو ۾ ناهہ پيشاني پرينءَ جـي

يـا

نـاز منجهاران نڪري، جـڏهين پرين ڪري پنڌ
پون پرڻ بسم الله جڏهن تڏهين راهہ ڇڏي تـي رنڌ
سائينءَ جو سؤگنڌ، منهنجو ساجن سڀ کـان سهڻو

جڏهن پيو پنهنجي معشوق جـي سونهن جي ساراهہ ڪندو تـہ
حقيقي عاشق،

تان نہ آهي تند جو، رون رون ڪري راز

يـا

ڏسڻ ڏسين جـي، تہ همہ ڪي حق چوين
جڏهن پيو فڪر ۽ ذڪر جا مارڳ ڦوليندو.

تن کي تسيا ڏيندڙ سر رامڪلي پـڙهي پيو ڪن ڪٽ
ڪاپڙين ۽ لاهوتين جي پونواري ڪندو تہ صـدق رکندڙ پيڪت
"هتان هڏ نہ ڇڏيان صبر شڪرانو" جڏهن ياڻي تي پيو پڙهندو رهندو.

جي طالب فراق جي تپت سان پـاڻ کـي سون جيئان
اُجارڻ چاهي تہ:

"ڏوريان ڏوريان م لهان، شال م ملان هوت"

پڪاري ۽ جي سڪ جي چڪ سهي نہ سگهي تہ پڇتائي چوي:

"سرتيون مون تان سچاڻي سگهہ نا ڪيو"

ان طرح ڀڃڻائڻ، ليلائڻ، رسڻ، ڀرچڻ، سؤمان يا غيرت جي وکيا ڪرڻ، پريت ڪرڻ ۽ نڀاهڻ، سڪڻ ۽ سڪائڻ، ڳولڻ ۽ پائڻ، لڇڻ ۽ ڦٿڪڻ، ڳائڻ ۽ ٻڌڻ مطلب تہ سڀني ڪمن جي ريت بابت شاہ وٽ هڪيا حاضر ملهائتا سخن آهن.

آهڙي أملهہ ماڻڪن جي مالڪ بابت أسين ڪانچ وڪڻندڙ ڇا چئون؟

آهڙي ڪامل ڪاريگر جي ڪلا کي أسين اڻاڙي ڪيئن پرکي سگهنداسين؟

نہ ٻوند عميق ڪڇي سگهندي، اسے کرکپيتو سورج جي پرڪاش جو بيان ڪري سگهندو ۽ نہ ڪو عالم شاہ جي شعر جو پورو پورو ملهہ ڪٿي سگهندو.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

# شاهه جا سُورما

شاهه جي داستانن ۾ پريت جو اُجهل پرواهه آهي. جنهن جي اُن ٽڪ ۾ سورهيه جان نثاريءَ ۽ فداڪاريءَ جو روپ ٺهي ٿري ٿي ته سورهيو به نرمرد بڻجي صداقت سان ساڻس نڀاهي ٿو.

سسئيءَ ڪاڻ پنهون، جو ڪستورين ۽ عطرن جي خوشبوءِ تي هريل آهي، اچي ٿو ڌوٻي بڻجي.

“مون ڪميڻيءَ لاءِ پنهون ٿي پرت (ڌوٻي) ٿيو.”

۽ صابڻ ڪڻي ڪپڙا پيو سٽي.

“هو ڪان (خان) ڪٿوريءَ هيرئون - مون ۾ صابڻ ڇٽ”

سهڻيءَ صدقي نواب عزت بيگ مينهون پيو چاري. مينهن جي ڳچيءَ ۾ گهنڊ ٻڌل آهن جنجو آواز ٻڌي، سهڻي ميهار جي اچڻ جي خبر چاڻي ٿي وٺي.

“ڪٿي ٿيو ميهار؟ ڪٿي ٿو گهنڊ ڳڙي؟”

هو مينهن سان گڏ وٿاڻ ۾ ٿو وسي.

“مري تان م ميهار، وٿاڻ ولهو م ٿئي
ڏيئن جي وچار جو، ونگو ٿئي م وار”

نوريءَ جي محبت ۾ گرفتار ٿي راجا ڄام تماچي مهاڻو بڻجي ڪلهي تي ڄار کنيو بيٺو آهي:

“عشق لائين ڪري، جئين ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو.”

عشق جي اهائي پر آهي ته اُو عاشق ۽ معشوق جي وچ وارا سڀ سندا ميٽي ڇڏي. ان ڪري نوري ماڇاڻڪو ڪم ڇڏي تي ڏٺي پر راڄا سندس ذات پاڻ سان هڪ جهڙو ٿي پيو آهي:

“ڄام هٿ ۾ ڄار، جلي ڄيرن وچ ۾”

جڏهين پنهنجو من پسند آکيڙو ملندو تڏهين ئي هوءَ پريت جي پڪ پيئندي. اهڙي منڌ پيار مان ياپيدي ئي ڪانه:

"جي سمنڊ منهن ڪريان توه سر ڪيا ئي نه تڳي"

شاهه جي شعر ۾ آيل مرد بي ڊپا، سياڻا، بهادر، سهڻا، پريت ڪري نباهيندڙ، سوُمان پسند، اُدار دل ۽ بڌيمان آهن. اُهي محبت ڪرڻ ۾ نر مرد، طلسم سمجهڻ ۾ هنرمند، منزل تسي پهچڻ واري رستي ۾ خبردار، راڳ ۽ ساز جو لطف وٺندڙ، شاندار طبيعت رکندڙ ۽ سوجهه ٻوجهه وارا شخص آهن. پيار ڪرڻ مهل هوڪا نه ٿا ڏين، پر

"منجهان ئي منجهه وڙهي پڌر ناهس پير"

"آهس اڀَ گناهه، جي ڪا ڪري پڌري."

پنهنجي ڪم ۾ اورچ ۽ تريڪ آهن:

"جهريون جهاڳي آيا، ڪارو نيار ڪنن"

وڙهڻ مهل اُهي،

"سانگيون سائن هٿ ۾، ڪلهنڻون نه لاهين"

۽ جنگ جي مئدان ۾

"اُيائي آهين، مهائي مرڻ تي."

جڏهين عشق جي مئدان ۾ ٽپن ٿا تڏهين:

"مڙڻ موٽڻ ميهڻو، تيا نظاري نروار"

۽

"عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو"

۽ جڏهين سمجهه ساڻ ڪٽي اڳتي وڌن تڏهين چون:

"جيڪا ڳالهه ڳالهائين سا سڀ سمجهيسون"

۽ سنيالي سنيالي قدم ڪڻن

"فڪر ساڻ قٽي ڪي - سوپي سوپاري."

ڪين ڪو به مال ڪو نه موهي ۽ ڪا به زال زناني مڪر سان ڏناري نه ٿي سگهي:

ڳائي ويندي آهي.

سورٺ سنسڪرت لفظ سؤراشٽر جو بگڙيل رُوپ آهي. ڪو وقت هو جڏهين سؤراشٽر سنڌ جي حدن اندر اَچي ٿي ويو. اِتهاس ۾ سنڌين جو راڳ سان گهاٽو نينهن ورنن ڪيل آهي. مشهور اتهاسڪار آچاريه اَديوتن سنڌين لاءِ چيو آهي:

سلـلت مد مند پٺي گند وو پٺي سديس گيچتي
چنڊ ۾ ميـن پٺري سهي آهه سيندوي دنـي.

يعني نزاڪت، مينتاج ۽ پولي پد واري راڳ کي پيار ڪندڙ، سنڌو ڳائيندڙ ۽ پنهنجو ديش چت ۾ رکندڙ سنڌي اَسان ڏنا.

شاهه عبداللطيف مسلمان هو. اسلام ۾ راڳ ڳائڻ يا ان جو شونق رکڻ جي منع ٿيل آهي. پر راڳ جي عاشق شاهه مرڻ ويل ۾ سنگيت ٻڌڻ پئي چاهيو.

**راڳ تي سر ڏيڻ وارو راءِ ڏياچ شاهه پاڻ ٿي آهي.**

پٽائي گهوٽ جو چوڻ هو ته منهنجي اندر سڪ جو وڻ آهي جو سماع روپي پاڻيءَ بنا سڪي ويندو. شاهه سنگيت جو ڄاڻو آهي، هنڄا سڀ داستان "سرن" ۾ وراهيل آهن جن مان ڪيترا سر هندستاني راڳ جي طرز تي ٻڌل آهن. شاهه جي لفظن ۾ غضب جي لئه آهي:

"لڙهندي وڃان لـڙ لهرن ۾"

يـا

"جهونا ڳڙه جهرندو، پوندي جهانءَ جهڙوڪ ۾"

۽ پهاڙيءَ ۾ راڳ جي اثر کي :

"راڳا راڳائي، هردو ئي هيڪ ٿيا."

ڇٽي هن بيان ڪيو آهي.

وچ ۾ ساز ۽ راڳ جي ڪمال جا ڪيترائي نظارا ٿو پسائي. تندن جي تان، سائل جي سان، تنبير جي تند، چارڻ جي چنگ ۽ ان سري ساز جي آواز کي ٻڌي رتولن ۾ ويهندڙ راڄا ڪيس ڇوڏول ۾ مٿي گهرايو. مال جا موڙا، هاٿي ۽ گهوڙا، ماڻڪ ۽ موتي آڇيندي ڪيس چيائين :

"گهوڙيان لک لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان"

۽ ٻيجل سندس آڇ ٺڪرائيندي چيو :

"مڱڻ نه جهليان مورهين"

مال ملڪيت آڇڻ بعد راڄا ڪيس پنهنجو سر آڇيو :

"جي اڇيٽي ڪم ڪپار ته ويهه ٻيرا ويدي ڏيانءِ"

۽ راڳ جي پيت ۾ پنهنجو مٿو اچ سمجهي چيو :

"مٿو مور نه پاڙيان، تنهنجيءَ تند تنوار"

راڳ کي املهه ڄاڻي راءِ ڏياچ چيو :

"سؤ سرن پائي، جي تند برابر توريان

اڻل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ٻيجل ٻرائي"

يـــا

"مٿي اُئي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار

ته واريو واريو وڍيان، سسيءَ کي سؤ وار

ته ٻڻ تند تنوار موُها مٿاهون مڱڻا"

نه رڳو ايترو پر ڏياچ گهر ۽ سورٺ به ٻيجل جي راڳ مٿان گهورڻ لاءِ تيار ٿيو :

"گهر سورٺ نه ٻڙي، ڄان تندن برابر توريان."

آهي ته صرف اِهي ئي اَثر انسان تي پون ٿا. انهن اثرن کانسواءِ ٻيا به ڪي اثر آهن جي انسان جي من کي روڳي ٻڌائين ٿا.

انهن ٽنهي کي پنهنجو مقصد اثر پڻ آهي. جنهن ڪري جوشيلي ۽ مست هاٿيءَ کي راڳ ذريعي سانت ڪرائي سگهجي ٿي ۽ ٻار کي لوليءَ جي آواز تي ننڊ ڪرائي سگهجي ٿي.

شاهه بيجل جي راڳ کي اهڙڪار يا هستي وڃائڻ جو اثر ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته بيجل جو راڳ ٻڌي راجا پاڻ وڃائي خود راڳ روپ ٿي ويو.

"ٿيو راڳ روپ سو، لڳي ننڊ ننوار."

شاهه صاحب شبد جي مهما کي سر رامڪليءَ ۾ اِهو هيٺين ڳايو آهي:

"مرليءَ کي جنهن ماٺ ڪيو، ۽ ننهن تل ننبڙي
سهسين سرودن کي پاڻان پوءِ وڄندڙي
منائيان منهي ڳهو چوندا جن چڪڙي
ڏاريو جنهن ڏياچ کي، ننڊ ٿان ننهن ٽڪڙي......"

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

"لڏڻ جڏهين لطيف چوي، پاڻيءَ وڄهن پاڻ!"

شاهه چوي ٿو تہ مهاڻيون،

"ڪاريون ڪوجهيون، ڪوڙيون، موڙ نہ موچاريون"

سچل بہ چوي ٿو تہ:

"رنگ ڪاري رويون، مڙني ملاحن جون"

شاهه چوي ٿو تہ ماڇاڻيون بدبوءِ هاڻيون آهن. ڪڪيءَ هاڻيون ڪاريون ۽ ڇڇيءَ هاڻا ڇڇ ڪهيو ٿيون رستي تي ويهن. سندن خزانو آهن ڇلڙا! اهي

"رهن، وهن، سر پاڻ ڌيين، سيهڻي بدبوءِ هاڻ"

سچل چوي ٿو تہ مهاڻيون ڪميون ۽ ڪاريون آهن اُنهن جي وات مان بہ مڇيءَ جي ٻهڙي ٻانس پيئي اچي. سندن چوليون چڪ سان ڀريل آهن ۽ سارو وقت ڪارا ڪڍي پيئون هلن! ٻيون اُگهاڙيون مهاڻيون، سندن،

"پير منهن نيرا، پاڻي پوندا جن هٿا"

شاهه چوي تہ،

"پاڻد جني جو پاڻد سين لڳو تڏي لڄ"

۽ سچل چوي تہ،

"جن مان ٻهڙي ٻانس، آئي عام خلق کي"

شاهه چوي،

"گند جڏهين جي گود ۾ – پاڀورا پوشاڪ"

۽ سچل چوي

"ليڙ جن لڱن تي – ٻانهين ڪنهن ڍنيون"

شاهه چوي

"وڻي وينيون وات تي ڪڪيءَ جون ڪاريون"

يــا

"ڄاريون ڪاريون، ڇڄ، ڇپريون جن جي محبت مڇيءَ ساڻ"

۽ سچل چوي

پدمڻي هنس وانگر، ڪامڻي هاٿيءَ جيئان، استري مور وانگر ۽ شنکڻي ٻور وانگر هلندي. پدمڻيءَ جا وار پير جي کڙين تائين، ڪامڻيءَ جا چيلهه تائين، استريءَ جا ڇاتيءَ تائين ۽ شنکڻيءَ جا ڪنن تائين هوندا. پدمڻي هوا جي جهونڪي لڳڻ سان ئـي جاڳي پوندي، ڪامڻيءَ جي پير کي ڇهبو ۽ استريءَ کـي سڏ ڪبو ته جاڳنديون مگر شنکڻيءَ کـي جڏهين ڏک هڻبو تڏهين اُٿندي.

استريءَ جي نڪ، اکين، ڇپن، ڇاتيءَ وغيره جا تفصيل ٻڌائيندڙ پد، سنسڪرت ۾ انيڪ آهن. انهن تان هنديءَ ۾ پڻ ورتا آئن. جهڙوڪ:-

”چار چلنت، چار اُڏنت، چار ڦول، ڦل چار“

يعني سندر ناريءَ ۾ چار وصفون ڌرتيءَ تـي هلندڙن جهڙيون، چار پکين جهڙيون، چار گلن جهڙيون ۽ چار ميون جهڙيون ٿين ٿيون. [سندس ڇپ گلاب جيئان، منهن ڪمل جيئان، بدن ڪيسر جي گل ۽ وار سوسن جي گلن جيئان؛ (ائين چار گل ٿيا) نڪ طوطي جهڙو، ٻولي ڪوئل جهڙي، ڳچي مور جهڙي ۽ ڀرون ڀؤنر جهڙا (ائين چار اُڏنت ٿيا)؛ اکيون هرڻ جهڙيون، چيلهه شينهن جهڙي، چال هاٿيءَ جهڙي ۽ گهنڊ يـا ناز گهوڙي جهـڙو (چار چلنت ٿيا)، ۽ ڏند ڏاڙهونءَ جي داڻن جهڙا، ڪرايون ڪيلن جهڙيون، ڇاتي اُڀتي ٽيل سنگتري جهڙي ۽ پير جي کڙي سوپاريءَ جهڙي ننڍي ۽ گول ٿئي ٿي.]

سمن ۽ سومرن جـي وقت ۾ ڳايل مٿين ڇهن پدن جهڙا آنيڪ پد ملن ٿا جن ۾ ٽري ۽ ٻاٽڪي اصطلاح استريءَ جـي قدرتـي سونهن جي نشانين سان گڏوگڏ سندس سينگار ڪرڻ جي ريت ۽ ٻين لڇڻن کي به بيان ڪن ٿا. جيئن:-

اک ڪاجـل نڪ سل خنجر لين خدنگ
مارو ترانوڙي مرگهه جيئون آپي موڙ الگ

شاهہ کي زال ذات جي سندرتا جي قسمن جي ڄاڻ ٿي ڏسجي. ان کري نوريءَ جي هٿن، پيرن، اکين، منهن ۽ هلت چلت بابت چوي ٿو:-

"هٿين، پيرين، آر ڪٽين، منهن نہ مهاڻي
جٿين سڳو وچ سرندڙي، تِنَ راڻين ۾ راڻي
اصل هئي اَن ڪي، اَهل ڄاماڻي."

ڪنڌهر ڀ نيل جي چؤگرد اَهڙي ڪا بي سونهن ڪانهي!
"ٿهڙو ڪنڌهر ۾ ڪين بيو، جهڙي سونهن سنڌياس!"

هوءَ اکين جي گهوُر يا نهار سان تماچيءَ کي گهائي ٿي.
"نيڻن سي ناز ڪري، ريجهايائين راءُ."

ڄام جڏهين هن پدمڻي نار جو لاثاني حسن پسي ٿو تڏهين هوُ پنهنجو پاڻ شڪار ٿي وڃي ٿو!

نوريءَ ۾ زال ذات وارو سمورو حسن سمايل آهي. هوءَ ڪامڻ آهي:

"ڪو جو ڪامڻ مي، آهي اکڙين ۾
تن تماچيءَ ڄام جو، نا پوُن پايو ني."

پر زال اُها ڄا صورت توڙي سيرت جي صاحبان هجي. نوريءَ ۾ نهٺائي آهي. هوءَ ور ور ڪري پيئي چوي:-

"تون سمو آءُ گندري- مون ۾ عيبن ڪوڙ"
"تون تماچي تڙ ڌڻي - آءُ مهاڻي مي"
"تون تماچي تڙ ڌڻي - آءُ گندري غريب!"

هنکي پنهنجي ينازُ لاءِ سڪ آهي. ڄام تان هوءَ گهوري قربان ٿي وڃي ٿي-

"آهين نار اَکين جو"........
"سر سلامت سپرين"........

هوءَ پريتم جي پيار جي محتاجي ٿي ڏيکاري:-

"مرڪڻ تون م مٺيج"
"وڃان مون م وڇيج"

هوءَ پنهنجي جي وڏي عمر لاءِ دعاگو آهي:
"تماچي تڳيج، ڪو ڏينهن ڪنجهر ڪنڌ ين."

شاهه جي هن سياڳي سر ۾ جتي

"هيٺ چر مٿي مــيڙ- پاسي ۾ وٽـــراهه آهـــي ۽ جتي
"ڪنڌيءَ ڪونر پيا ترن" اهڙائي تمثيل رکيل آهي ته انسان
مهاڻي جيان ڪام ۽ موهه روپي گَپ سان ڀريل دنيا ۾ پيدا ٿئي ٿو.
جيڪڏهين هوُ پدمڻي نار جيان سلڇڻو آهي ته پوءِ چام پرماتما
سندس سڀ عيب معاف ڪري ڪيس پمهنجوڪري بڻايو ڇڏي
ٿو. اهڙو انسان منزل تي رسي وڃي ٿو پوءِ ڪيس مهاڻڪو ته الدو
ڪڙو نه ٿو پوي. نوري راڻي تيڻ بعد "نه ويڌي نه وڪٽي"
ساڳيءَ طرح منزل تي رسيل انسان دنيا جي وهنوار کان آزاد ٿيو
وڃي ٿو.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

وڄهائڻ جو هنن ٻاڪارين ٻيڻي !“ ته اڻ پڙهيل واڻيو عملدار کي ٽوڪيو ”شاه ڪش آهيو ڪاٽي بدل لاءِ درڪاشت ڪي آڻيو، پوءِ ڪنديون ڪا ميهرباني؟“

لعلچند جي لکڻين ۾ روح ۽ جذبو آهي. علم سان ذاتي شوق هئڻ سبب هن جو اڀياس اينرو گهرو ۽ اونهو ٿيو آهي جو تحقيقات ۽ معلومات جي زور تي هيءُ اُنهن ٿورن مضمونويسن مان آهي جن کي بوجستو مضمونويس سڏي سگهجي ٿو. هن جي ٻوليءَ جي سجاوٽ مان هن جي شخصيت، چاڻ ۽ هوشياريءَ جي خبر ڀلي ڀت پئجي وڃي ٿي.

ملڪ جي ورهاڱي بعد هتي هند ۾ سنڌي ساهت کي زور وٺائڻ لاءِ هڪ زبردست هلچل هلي هئي ۽ لعلچند اُمنگ ۽ شوق وچان هلچل جي شروعاتي دؤر ۾ ڪوٺايل ميٽنگن ۾ شامل ٿيندو هو. هن ڪوشش ورتي زناني ڪاليج ۾ ايم. اي ۾ سنڌي سبجيڪٽ رکايو جتي ٻاڻ تمام ٿوري اُجوري وٺڻ سان ايم. اي جا ڪلاس وٺندو هو.

ماروئيءَ جي ساٿيهه لاءِ سڪ هن جي ٻه چوليءَ سان سنهي ڏوڻي سان سبيل هئي. وصيعت ڪري ويو هو ته منهنجي موت بعد منهنجون هڏيون سنڌوءَ ۾ پرواه ڪجو! جو سنڌي آهي ان جو سنڌي ٻوليءَ، سنڌ ۽ سنڌوءَ سان اٽين ڏي نينهن اُزيل آهي.

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

جا ڪليل ۽ اُگهاڙا ورنن نہ ڪيا آهن. وڌ ۾ وڌ ڪليل لفظ سندس آهن:-

"آءُ گـلـي لڳہ مٺا"

"آءُ يـاڪر هاڻ پايون"

جتي ڪاليداس، ڀوڀوتيءَ ۽ جئہ ديو سنسڪرت ۾ ۽ وديا پتي، بهاريءَ ۽ ٻين ڪوين هنديءَ ۾ ولاسي ورنن ڪندي سماگم جو بہ کليو ورنن ڪيو آهي اُتي عزيز صرف استريءَ جي پستانن جو ذڪر ڇيڙيو آهي سو بہ تمام فهميدي نموني ۾. ظابطي کان ڪم وٺي هن عشق جو اظهار ڪندي چيو آهي:-

محبت ۾ حيات جاودان آهي
محبت جان جي سچ پچ تہ جان آهي

محبت ۾ تہ مڇنا ئي مراد آهي
پلي پانيان تو جا هن کي وٺي آهي

تو ڏسان عشق ۾ ئي خاڪ عزيز
چا مون گهوريو ۽ نہ گهوري سگهيس

محبوب جو ديدار ڪرڻ، هنجو منهن مٺي چڏڻ، هنجي اُچڻ جي نوازش ۽ هنجي موڪلاڻي، هن سان ملڻ ۽ هنجو وڇوڙو، انتظار، بي قراري، عشق جو دل تي اثر، محبوب جي مغروري ۽ سندس تاب، هنجي معصوميت ۽ شوخي مطلب تہ عشق جي هر جذبي جو علحدو علحدو پهلوءُ پيش ڪندي هن زبان جي سلاست، مضمون جي چٽائي ۽ دل جي ڪيفيت بلڪل موضون لفظن ۾ پيش ڪئي آهي. ديدار وقت چوي ٿو:-

ڏهو ڏڪيءَ تي ڪـڙو دلدار، اڙي مان صدقي
در ڪلڻ جي هئي درڪار، آڙي مان صدقي

محبوب جي منهن مٺڻ وقت:-

تغافل چوان يا ستم يا شرارت
مونکي گهر ۾ پنهنجي گهرائي هليو ويو.

اي وعده شڪن! تي نه پوري سيان
تنهنجي عمر جو ختم معياد ٿو.

هنجي آچڻ وقت:-
اوچتو ديدار آهڙو يار جي صورت جو ٿيو
حرص پورو ٿي ويو ڪعبي جو ۽ بتخاني جو.

۽ هنجي موڪلائڻ وقت:-
موڪلائڻ دم دعا کهڙي ڪري کهڙي ڪريان
سڀ ٿين تنهنجون سڃايون، يار يڪدل الوداع.

پير جيڏانهن خير تنهنجي تيڏانهن
اک اٿيئي نه ڪا، خدا حافظ.

محبوب سان ميلاپ ٿئي ته:-
وصال رات بڻيو يار مهربان آهي
نصيب عمر جو ٿيو عيش ناگهان آهي
بهار دل جو پکي وئي ٿو لطف حيات
چمن چاه گل چا ٿيو اُن جو باغبان آهي.

۽ وڇڙڻ سمي آکي ٿو:-
هڪ پل تو پري ٿين تـــه وجي انڌ تو چڙهي
اهي حال ته نيڻن جـــا اچـــي نور ڏسيو وڃ

عاشقاڻي طبيعت رکي چوي ٿو:-
اسانجي شوق جـو پلي پيالو پر تنهنجي نه تنهنجي
رکـيـئـــي دل ۾ سرور ۽ اک خـــمـــار ۾

احساس جي دنيا کي رکن زنده تا سهڻا
پنهان تي مسيحائي سندن هڪ ئي اکر ۾

تنهن هوندي به عزيز رولـــو عاشق کـــي تنبيهه ڪري ٿـــو.

عشق ۾ ڪيس ڇيڳرائي پسند ناهي:-

هر گل جهان جي باغ جو رنگين چراغ آ
پروانو تي مچائيندين محفل ڪٿي.

پر عزيز عزيز تڏهين آهي جڏهين هو پنهنجي معشوق جي حسن جو ورنن ڪري ٿو. اُن وقت هو سهڻا استعارا ۽ سهڻيون تشبيهون ڪم آڻي پنهنجي تخليقي قوت پسائي ٿو:-

روي روشن تي زلف پيچان عزيز
پڻ دونهان ڪيا ڏئي جي لاٽ آهن.

نهنجا محبوب تو صحبت جو اثر ٿئي ڏايو
حيرت آهي تنهنجا عاشق ڇو نه مغرور ٿيا.

ي - پرواه حسن هنجو ڄاڻي نه سگهيو ڪوئي
لبر جي هر اَدا ڪي پنهنجو حجاب آهي.

غلطان رهان حسن جي ڇو ڪين ڀڙ ۾
اعجاز رکي لب ۾ تہ جادو تہ نظر ۾
گلڙو جو سخن آهي ڪ پيغام بهار آهي
هڪ سبز چمن تو پوي دل جي ڪلي گهر ۾.

غزل تہ ڇا سندس نظمن ۾ بہ معشوق جي سونهن جو بيان آهي:-

منور سندس منهن جڳين ماهتاب
پيو دل جي دريا ۾ لڙ بي حساب
ڀرون ٻئي سندس نيزه بردار هئا
مگر حسن جا سي سپهدار هئا
اکيون نرگسي سر مگين ناز سان
پريل فتنہ گر ٻئي سي جادوءَ منجهان
نهارڻ سان دل کي ڦچندڙ ٻئي
بہ صياد ناوڪ چٽيندڙ ٻئي

کل جهڙي ڳالهہ آهي جو سچيءَ سک کي محسوس ڪرڻ بدران اَسين صرف اَفسانا ٻيا ڪئيون. اِهو تہ اِئين آهي جئين رڃ ۾ ساگر جون ڇوليون پيئون لڳنديون هجن!

عزيز پنهنجن غزلن ۾ دنيوي وهنوار بابت بہ ويچار پيش ڪيا آهن:

هاءِ پنهنجن ۾ آءُ پاءُ ڪٿي؟
دل سڪي ٿي هؤ لاءُ ساءُ ڪٿي؟
اڳ ٿي راڻي سان ميلي مومل، وهت
اَڄ سو آدم ۾ آهہ تاءُ ڪٿي؟
باغِ دنيا ۾ بؤ حيا جي ناهہ
حسن وارن جو ويو هڳاءُ ڪٿي؟
ڪالتو دنيا جو هر وزن پيو ٿي
سير سير آهہ هرڪو پاءُ ڪٿي؟
غم نہ دل کي نہ تو پري اَڄ ڪلهہ
اَهڙو برڪت جو هو اُپاءُ ڪٿي؟
ٿي ڏسي جنکي دل نہ ٿي روشن
اَهڙا چهرا ڪٿي، اُهاءُ ڪٿي؟
ٿيو طبيعت کي خلق جي چاءُ، عزيز!
دل کسي موهي سو سياءُ ڪٿي؟

عزيز جو چوڻ آهي تہ ڪٿي اَڳ جو زمانو جڏهن جانور بہ مومل راڻي جهڙن پريمين کي ملائيندا هئا ۽ ڪٿي اَڄ جو زمانو جڏهين آدمي ڏقير وجهڻ جا ئي شوقين آهن؟ ان طرح عزيز جي غزلن ۾ اڄوڪي زندگيءَ جا چِٽ بہ ملن ٿا. جڏهين هاڻوڪي زماني جي عشق جو ورنن ڪري ٿو تڏهين طنز پرئي نوع ۾ چوي ٿو:-

١- سائل ڏئي جي عشق ۾ تو صرف جيب ڏئي،
دل جهڙا ڏيندا ڪنهنکي نہ نذرانا تہ ڏسون.
٢- ڪنهن کي جلائي عشق جو شعلو سو خواب آهہ،
پروانا اُچ وفا ڪان ئي بيگانا تہ ڏسون.

عزيز جي غزلن ۾ ٽپي ٽپي تي وهنوارڪ نصيحتون بہ موجود آهن جي سندس شاعراڻي اُڏام سان تاڃي پيٽيءَ طور مڙهيون اُٽيون پيئون آهن. مثلاً:

ڪافر اُهو جاڻ ۽ ڪانئر بہ اُهو سمجهہ،
جو جان جي صدقي ڇڏي ايمان کي پنهنجي.

ٽٽي جڏهين خالي ٿي بوتل، جام ٽٽي اُن کان جدا،
رنگ ڏيکاري سچائي خويش ۽ بيگاني جو.

سائل سان لڳي سوئي مؤجن ۾ گذاري تو،
جو تار ۽ تانگهي کي هڪ سمجهي ٽريو آهي.

وڻ جي ڄڙ کي لوڏيو هوا ڪين پڻ،
آشيان ٻاريو گهر جي قوت آهي.

اي شمع سڄي رات نہ سڏ روئي سحر کي،
ڪي گذري، ڪي گذرندي، سلام آهہ گذر کي.

ٿيو فرق زبر زير خدا ۽ جدا ۾،
هڪ نڪتو ٿيو نقطہ اسرار مٿي هيٺ.

ڪل ۾ ئي ٿيون نهان دل - مردہ جون حسرتون،
آهن پيا آرزن جا هي ٻڌجي مزار، چپ.

ڪر ماڳہ وڃڻ جو پي هڪ وار ڪنو توشو،
موٽڻ لاءِ قدم هر ڪنهن ڏرتيءَ تي ڏريو آهي.

زندگي خوبيءَ خلل جو کيل آهہ،
آدمي مشڪل ٿين انسان سب.

عزيز ٻئي هڪ شاعر آهي جنهن سڀني صنفن ۾ (مسدس ڇوڙ موجب پنهنجي - پر مون وٽ صرف ٻه آهن) مثنوين ۾ قلم آزمائي ڪئي آهي. هن جي مثنوين ۾ ڪهاڻيءَ جو سلسلو صفائي ۽ چٽائيءَ سان قائم رکيل آهي، لفظن ذريعي واقعن جو عڪس به چٽو پيش ڪيل آهي، ۽ من جا ڀُور سليس پر زوردار طريقي سان بيان ڪيل آهن.

عزيز جي غزلن، مثنوين، رباعين توڙي نظمن ۾ غضب جي رواني آهي. هو تمام سليس ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ جا محاورا ۽ پهاڪا ڦبائي سگهي ٿو:

ڪوڙ جي ڪڏ تائين ڊوڙ آ، سچ نه بيٺو ٿيو،
پاڻي آخر ٽيندو پاڻي، ڪير آخر ڪير آ.

ٻيا

سچ پچ نه پڙهڻ کان ٿيو صد بار ڪڙهڻ بهتر
سو خام اڃا ڇاڻ جو ڪين ٿريو آهي.

ٻيا

هيءَ دنيا اصل ڀولڙي آهي، نادان!
پنهنجن سان لڙين ڪين ٿي، اي بي ايمان!
مشهور 'ڪتو ڪتي جو ويري' آهي،
تو هوند هنديءَ ٿي نه ڪري ڪو انسان.

ٻيا

ويندو وڃي سر تو وين جا ايئن
لڙن سنگ ڏاڍي سان ڪڙمي ٿا جئين
ڪٽڪ ٿي ڪري ايئن تو هر هر هلان
پيو باز جهڙ آهه مڪڙن مٿان
نه سانگو اٿس ساهه پنهنجي سندو
وڏو خوب آهيس ٻاڪر ڪتو

سارو ڏينهن سج جي سخت گرميءَ زمين تي باهه جا اُلا پئي وسايا. زمين لوهار جي ڪوري وانگر لپي ويئي هئي. جاين جي هوادار دربن منجهان ڪوسي لڪ اندر اچي جاين سان گڏ پنين، بسترن ۽ انسانن جي جسمن کي به تپائي ڇڏيو هو ماڻهو هن لوساٽ کان سڄو ڏينهن پئي لڇيا. هينئر مس مس شام آئي آهي. سج جي بدران آسمان تي چوڏهينءَ جي چنڊ ڪني ڪئي، تڏيءَ چانڊاڻ سان ڏينهن واريءَ باهه کي لٽارڻ شروع ڪيو آهي. چانڊوڪيءَ جو اهو ڇهڇٽو ڪهڙو نه من موهيندڙ ٿئي ٿو!

۽ جيڪڏهن ٺيٺ ٻولي ڪم آڻڻ چاهي ٿو ته لکي ٿو:-

جنهن ماڻهوءَ کي ڏورانهين منزل ماري مقصود جي جڳهه تي پهچڻو هوندو آهي، اهو جهڙي ڦڙيءَ جو ڪو به سانگو ڪو نه ساريندو آهي. آڙهر جو مغز ڪڄائيندڙ ۽ جگر جهلائيندڙ جهولو هجي يا سياري جي رت جمائيندڙ ۽ ڦقر ڦڙڪائيندڙ ٿڌ، ته به هو روڪجي نٿو سگهي. ڪاڙهي کان ڊڄي سر جو سانگو ڌاري ٿڌيءَ ڇانو ۾ ويهي وقت رهائڻ واري لاءِ ويجهي منزل به پرانهين آهي پر ساهه لوسائيندڙ لوهه ۾ به اٿي پنڌ پوندڙ لاءِ ڏور منزل به ويجهي تي پوي ٿي.“

نظم کي سرشار ڪندي عزيز ”ڪليات عزيز“، ”پيغام عزيز“، ”گلزار عزيز“، ”گلشن نظم“، ”آبشار“، ”شاعراڻي شمع“، ”صراحي“، ”ڀڳڙ ٻول“، ”سوز و ساز“، ”مصر جي راڻي“ ڪتاب تيار ڪيا. ٻيا به ننڍڙا ڪتاب ”للڪار“ (قومي گيت) ”مداح“ وغيره به نظم ۾ تيار ڪيل اٿس. نثر کي سرسبز ڪندي هن ٽي ناٽڪ ”ڪمار اجيتسنگهه“، ”مسٽر مجنو“ ۽ ”غريبان مار“، تنقيدي مضمونن جو ڳٽڪو ”گل و خار“، ادبي مضمونن جو مجموعو ”ادبي آئينو“ ۽ ”سامي“ لکيا.

بدلي توڙي ماڻسڪ لحاظ کان عزيز شاندار شخصيت جو مالڪ هو. هوُ زميينداري شان سان گذاري سگهندو هو ته فقيراڻي نموني بندگي به ڪري سگهندو هو. عزيز سنڌ جي هڪ مخصوص تهذيب جو نمائينده هو. سنڌي سياڻ ۽ شخصيت جو هر رنگ منجهس موجود هو.

اَڄ عزيز نه آهي، ته نه مئدان آهي ۽ نه مقابلو.

عزيز اُهو ذهن جو مالڪ هو جنهنجي چپن جي چرڻ جي انداز کي ڏسي گهڻن ماڻهن جا پير پرا ٿي ويندا هئا. ڳالهائڻ شروع ڪيائين پوءِ ته بس...... وڏا وڏا ٽسينگ ۽ تيسمارخان به ڪن مهٽيندا وتندا هئــا. سندس آتم وشواس ۽ اڇا شڪتي سندس لکڻيءَ جيئان ئي نهايت پختي هئي. موت کـي ويجهو ڏسي هوُ ٺهڪ ڏيندو رهيو. ڪال کـــي ساڻده ڪي سال تيلهو ڏيئي هوُ واپس موڪليندو رهيو ۽ جڏهين سچ پچ ويو تڏهين مصري پاڻي پي سمهيو! اُهڙا انسان وقت جي حدن کي پار ڪري لازمان ٿي وڃن ٿا ۽ سندس ئي گفتي ۾ —

”دنيا ۾ ڪئين آيا ڪئين پيا ويندا،
جي ويندا ڪڏهن جي نه ڪل ڪي ايندا،
پر ڪر هي ۽ پڪين جاتو انهن راز حيات،
جي غم ۾ کلي ماڳ ڏي راهي ٿيندا.“

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

## پروفيسر پوپٽي هيراننداڻيءَ جا ڇپيل ڪتاب

### ڪهاڻين جا مجموعا

(۱) رنگين زماني جون غمگين ڪهاڻيون ۱۹۵۴
(۲) پڪار ۱۹۵۵
(۳) ڪلي گلاب جي ساغر شراب جو
(۴) مون توکي پيار ڪيو ۱۹۷۵
(۵) خزان جو دؤر پورو ٿيو ۱۹۷۶

### ناول

(۱) منجهو
(۲) حسرتن جي تربت
(۳) جيءَ ۾ جهوري تن ۾ تاس

### ادب لطيف

(۱) روح سعدي رچ

### مضمونن جا ڳٽڪا

(۱) هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون
(سؤراشٽر يونيورسٽيءَ جي بي. اي لاءِ رکيل)
(۲) چون چڪڻ چمن ۾
(پوني يونيورسٽيءَ جي بي. اي آنرس لاءِ رکيل)
(۳) ڀارت جي اسٽري (ٻه ڇاپا)
(پوني يونيورسٽيءَ جي بي. اي لاءِ رکيل)
(۴) ڀاشا شاستر
(بمبئي يونيورسٽيءَ جي ايم. اي لاءِ رکيل)
(۵) مان ڇا آهيان (ويدانت جي سمجهاڻي)

(٦) سنڌي ساهتيہ جي جهلڪ
(٧) زندہ سا قوم رهندي
(سنڌيت جي هلچل تي لکيل مضمون)
(٨) ڏهن ڏينهن ۾ سنڌي سکو (انگريزيءَ دوارا)

## ترجما

(١) شريمد ڀاڳوت (انگريزيءَ تان) ٻہ ڇاپا
(٢) ڪبير (نئشنل بوڪ ٽرسٽ پاران ڇپايل)
(٣) وويڪانند جيوني (هنديءَ تان) ٻہ ڇاپا

Scanned by Sindhi Sangat for promotion of Sindhi Language
www.SindhiSangat.com

# ڀلنامو

| صفح | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ١٩ | ٥ | ارنست | ار نيست |
| ١٩ | ٧ | to it a | to it from the |
| ١٩ | ١٣ | danghters | daughters |
| ١٩ | ١٧ | lovelling | levelling |
| ٢٠ | ١ | سنڌي | سنڌيءَ |
| ٢٠ | ١٦ | ٻچيل | پڪل |
| ٢١ | ١٣ | ان طرح | ان ڪري |
| ٢١ | ٢٠ | Gr: at | Gr: of |
| ٢٧ | ١٤ | ڪشميري شخص | ڪشميريءَ |
| ٣٥ | ١٦ | ڪلوڙن | ڪلهوڙن |
| ٤٦ | ٢٥ | هيت | هيٺ |
| ٤٧ | ٧ | (Menander) | Menander |
| ٤٨ | ٢٠ | didicated | dedicated |
| ٥٦ | ١٠ | Reiativitity | Relativity |
| ٥٧ | ١٧ | چندن | چندولعل |
| ٥٩ | ٢٥ | سنڌي ليکڪا | سنڌي ليکڪ |
| ٦٤ | ١٥ | ناب | ٿاب |
| ٦٥ | ١٨ | اصلاحي | اصطلاحي |
| ٦٩ | ١٩ | چتر ڇايا | چٽر ڇايا |
| ٧٠ | ٥ | صبج | صبح |
| ٧٠ | ٩ | چاڙڻ چي | چاڙڻ جي |
| ٧٠ | ٢٤ | ليکڪن مان ٻين ڪن | ليکڪن مان ڪن |
| ٧١ | ٣ | اصلي | اَصلي |
| ٧٦ | ١٩ | ڪيٽن | ڪٽين |
| ٨٢ | ١٨ | عشن | عشق |
| ٨٨ | ٥ | بناولي | بنيادي |
| ١١٦ | ٢٥ | مهاويدار | مهاور يدار |